# تڙپ

"امي!"

"ڇا مٺي."

"مان سمجهان ٿي دروازي تي ڪڙڪو ٿيو."

"ٻاهر ڪوئي ڪونهي، رڳو هوا پئي گهلي، ڏيئو... اجهاءِ ٻانولي ته ٿيءُ سمهي پئه."

"سمهي ته پئي آهيان، پر ننڊ نٿي اچي.... امي هو آيو ضرور هوندو."

"ته موٽي ويو هوندو، بس نه؟"

"تون به، مون مان ورچجين پئي نه.... امي؟"

"هاءِ هاءِ.... هاڻي روءُ ته نه. ٻارهن ٿا وڄن. گهڙي کن اک ته لڳاءِ...."

"........"

"نه روءُ مٺي! ڇومون کي رڻ ۾ رات وڌي اٿيئي."

"ڪير به منهنجو ڪونهي، هن جهان ۾...."

"مان گهر ڦٽائي تو وٽ اچي رهي آهيان. ٻائين کي به وڃي آئي آهيان. وسند جهڙو گهوٽ اٿيئي، اچا ڇا...."

"گهوٽ جا حال ته ڏٺئي نه؟ جيڪي به چتر هاڻي ٺاهيا اٿس، تن مان هڪ منجهه به مان ناهيان."

”ڇا ٿيو پٽ، ساٿين ۾ توکي جو ڳري ماس مان ونهي جوڙيو آهي. سگهين موڙتڻ ۽ نه آٿين ۾ ته ڇاهي ڏي؟“

”اوهه.... تون ڪاله سمجهي سگهندين ... مون ته سندس هر چتر جي پرورتا تيل تي ڇاهيو...“

”ڏس مٽي، ڪيٽن اڇي ڪوڙ ۽ من اٽڪائي، سيني کي حيران ڪيو اٿيئي... ننڍ جي گوري وٺندين؟“

”......ڪوڙ! ڪوڙ ڇاهي سچ ڇاهي...؟“

”ڪوڙ اٿيئي، آهو تنهنجو آوشواس ته هو توکي ڇڏي پين پٺيان ٿو ٻوڙي ؟ سچ اهو آهي ته تو اهڙي ڪلاونت سان لائون لڌيون آهن، جنهن وچاري کي پنهنجو واڻ به ياد ڪونهي.“

”سندس ڪلائي ته مون لاءِ ڪوڙ تي پيٺي آهي ؟ سچ...! اوءِ!... سچ ڪيڏو ساڙيندڙ آهي!... مان سندس پٺتي هوندي به سندس دل ۾ ناهيان... امي!“

”هائي شانتي به ڪٿي ڪر، منهنجون اکيون ته جاڳي جاڳي دوڏا تي پيئون آهن...“

”تون سمهي پئه نه آمي...“

”؟ تون هيٺين ڇت ۽ اکيون اٽڪڻي ڇري ٿي ۽، اٿين نه؟“

”ڇڙي ڇڙي ڏست ڇري ته تون ٿي ڪري وجهندين ۽ مون کي!“

”اوهه! بس ڪر هاڻي. نتي سڻي ٿئي اِها مهڪ مهڪ...“

”ڇو هي آما، وما! ڪي ڇو ٻئي ڇڙٻن.“

”پٽ ڇڙندس ڪيئن نه. اجاين خيالن سان ٻـر ڪيو اٿس مون کي.“

”تون هلي سمهه. مان تو ديديءَ جي سنڀال ڪريان“

”ها. ڀاڻو تون اچي وڃه.“

”چڱو ٻيو حڪم.“

”ڀاڻو، سڀ مرد اهڙا ٿيندا آهن؟“

”جيڪو تنهنجي اڳيان ويٺو آهي، اُن کي ڇا ٿي سمجهين؟“

”نه نوڪي ته ڀاڀيءَ ٻڌو پاڻهو ٻڌائي ڇڏيو آهي.“

”سٺي ڳالهه ڪئي اٿس؟“

”ڪهڙين چوان سٺي ڳالهه نه ڪئي اٿس. مان خود به ته ائين ڪرڻ ٿي چاهيان.“

”يعني پتيءَ جي اندر ڪلاڪار کي گهٽي، پتيءَ کي پاڻ ٿي چاهين؟“

”نه ائين به نٿي ڪرڻ چاهيان... ها، پـر مان اڪيلي ڇو آهيان؟“

”اڪيلي ڪٿي آهين وملا! امي آهي، مان آهيان تنهنجي ڀاڀي آهي ۽ سڀ کان وڌيڪ تنهنجي ننڍڙي نملدي آهي.“

”ها مان به اڪيلي ڪٿي آهيان... ليڪن نه ڀاڻو،

مان اڪيلي آهيان هئي. هن ڇاتيءَ اندر الاجي ڪهڙي
سڃ پيدا ٿي ويئي آهي.“

”ڏس، وملا، تون هاڻي ننڊ ڪر.“

”هاڻو ننڊ ڪرڻ ڪيئن. ڊاڪٽر جو چيو آهي ته
مان ڇري تي ٿيندس. پاڻو، مون جهڙي هرڪا عورت
ڇري تي سگهي ٿي نه؟“

”بس ومل هاڻي ڪوبه بحث نه ڪر....“

”پر پاڻو، طوفان پيو لڳي. دريءَ جي ڏڪا ٺوڪي
پيئن ٿو نه؟ ڪيئن ننڊ ايندي....؟“

”سنتوش وملا! ٻئي جاڳو پيا ڇا....“

”هاڻو پاڻو، وملا کي ننڊ ئي نٿي آئي. ڏسو ڪيئن
پئي روئي.“

”وملا اڙي مل، روئين ٿي پڳلي! هن مهل تائين
دروازو توئي کولي رکيو هو.“

”پاڻو، مان پلا سمهان ٿو. وڃي غصو نه ڪجوس.
ڊاڪٽر چيو آهي، توهان جي اچڻ سان پنهنجو پاڻ
ٺيڪ ٿي ويندي.“

”ومل! ڊاڪٽر؟ ڇو ايتري طبيعت خراب هئي!“

”ٽي راتيون جاڳي آهيان. طبيعت ڪيئن نه
خراب ٿيندي.“

”پڳلي، هيڏو روئڻ. ڪاش! تون به وڏي چتر
ڪيڏين ها....“

”سڪون جو ڇتر ٿي ڪيڏي، سچ پڇ ته منهنجو قسم..“

”پنهنجن ماڻهن جا ٻي ڇتر ڪيئي... ويچارا ملڪ مٽائي هتي آيا آهن. ڏينهن رات محنت ۾ جنبيا پيا آهن... ڪمارڻون مندين ڇيلهه تي ڇونڊي ڪنهو ٺان تي قطارون ٺپون لڳائين... ڪنرائي جوان جوانڙيون صبح جي فضا کي چيريندا آفيسن ڏانهن پيا ڊڪندا وڃن...“

”هاڻو... مون به امي کي چيو ويئي ته شهر ڇڏي هيڏو پري ان لاءِ ٿي وڃي تو...“

”ڪيڏو آنساه تو ملي... رنگ برش پنهنجو پاڻ ڪئنواس تي هلي شروع ڪيو ڇڏين...“

”......“

”اڙي اڙي! تون نه وڃون وڃون پيئي ٿين!“

”امي... امي...“

هاهه هاه! ڪيئن ٿي ڪيڪرائي! ڇا ٿيو ڏي؟“

”ڏس ته وملا... اڙي ٿيو ڏوکي؟“

”ڪيڏا ٿي سڏڪا پري- جا ماءُ هيءَ حالت ڏسندي هوندي سا مٺي کي بچي. پٽ هيئر ڪجهه به نه ڇئيس، سرڊ آڪهو اٿس. نستي ٿي پيئي آهي. مان ڇانهه ڊيک ٿاهي تي ڪٺي اچان.“

”وملو... وملو...“

”......“

”رسي ونئيءَ. اڙي اڙي، هي تنهنجون اکيون ڪيئن ٿي پيئون آهن... هرڻيءَ جهڙيون ڪهايل...“

"نه چڱيءَ طرح ڏسي وٺ هن ڀٽڪندڙ روح کي...."

"۽ هي سڪل چپ.... ڪنهن آزلي آسات کان جلي آئيا آهن.... پنهنجين هيٺان هي ڳوڙهن جون بوندون. وسل! وملو، اچ هڪ نئون چتر ٺهندو."

"نه گهرجي مون کي اهو چتر، منهنجي ڇاتي سڄي سور کان ٿي ڪڙهي! هٿ ڏس ڪيترا گرم آهن. منجهن باهه پيئي ٻري. منهنجي ساهه ۾ ڏانگهيون ٿيون ڦوڪارين. ڪهڙي ٺهندي منهنجي تصوير...."

"شايد اهڙي تصوير ٺهندي، جهڙي اڳ ڪڏهن نه ٺهي هجي...."

"ڇا فائدو؟"

"آها، تنهنجي من جا ڀاوَ، آزلي آسات جا ڀاوَ، تز نموني پرگهٽ ڪندي."

"مان بدنام ٿي ويندس."

"سياويڪ جذبات کي جو بدنام ڪندو، سو خود ئي بدنام ٿي ويندو."

جذبات! ... منهنجي جذبات جي چڙ سان ساري جهان کي آگ لڳي ويندي."

"جهان کي هڪ نئين ٻوجهه ملندي، نئون ٻوجهه، نه استري وڳو مائٽ جي وستو ناهي، خود مائيندڙ به آهي...."

"ليڪن مان اڄ توکي تصوير ٺاهڻ نه ڏيندس...."

"مطلب... منهنجي هٿن مان پنهنجو هڪ نئون

چتر ڏسڻ نٿي چاهين."

"چتر جو لوڀ مون وٽ نه رهيو آهي."

"مگر مون وٽ جو آهي، منهنجي رڳن اندر تنهنجي اها تصوير ڏاهڻ جي تڙپ ڇوليون ٿي ماري..."

"تڙپ... تصوير لاءِ، نه مون لاءِ؟...."

"هيترا سڏڪا! ڇا ٿيو آهي توکي وملا! نه روءُ وملا! نه روءُ..."

"........"

"........"

"روئڻ تو اهي مون کي... من نٿو جهلجي..."

"؟ چترا"

"نه کپي مون کي چتر."

"منهنجي اندر وارو ڪلاڪار چتر هٿ ڪرڻ لاءِ اڃين تڙڦي رهيو آهي، جيئن تون منهنجي لاءِ."

"پوءِ به منهنجي ڀاونا لاءِ ڪاڻي همدردي ناهي تو وٽ؟"

"منهنجو ساڪار روپ، تو هڪ جي ترپتي آهي ؟ هي چتر، هزارين استرين جي ترپتيءَ جو ڪارڻ بڻبو."

"ڪيڏيون وڏيون ڳالهيون آهن، تنهنجون ڪلاڪارا"

"آن ڪلاڪار کي ڪهڙي ڀلا ڇا ڪندين هن ڪوڪلي جسم کي؟"

"جيئن پيون استريون بنا ڪلاڪار پتيءَ ساڻ رهي

سگهن ٿيون، ٿيڻ مان به رهنديس. نه ورهائي، پر ٽڙي پئجي....“

”ناممڪن.“

”ڇو؟“

”هن سرير ۽ آتما اندر ڪلاڪار ايڏي آسري چڪو آهي، جنهن کي جدا ڪرڻ سان ٻئي ڀڄي پوندا. تنهنجو پتي به ۽ ڪلاڪار به.“

”مان ڪجهه نٿي سمجهان. منهنجي متي جون سڀ نسون نستيون ٿي ويون آهن ڪلاڪار!“

”خبر ناهي ڪهڙي ريشم مان ٺهيل آهن هي تنهنجا وار، بجليءَ جي لهر آهي منجهن....“

”سچ..! ڇا پيو سوچين؟..“

”مان... سوچيان پيو هنن وارن لاءِ منهنجي چٽر ۾ ڪهڙو رنگ موزون ٿي سگهي ٿو.... اهڙو رنگ جنهن کي ڏسندي ماڻهو اهو ڪجهه محسوس ڪن، جيڪي مان انهن کي ڇهندي محسوس ڪريان ٿو.“

”....“

”اوه!... ڪلاڪار! ڪيڏانهن گم ٿي ويو آهي تو منجهان، منهنجي پتي جو سرير!.... اوه.... اوه...“

## عظمت ادبي اڪيڊميءَ طرفان ايندڙ ڪتاب

# "ڪرندڙ ديوارون"

سندري اتمچندانيءَ جو شاهڪار ناول،

جيڪو هندوستان ۾ ڇپار ۽ سنڌ ۾ هڪ دفعو ڇپجي چڪو آهي ۽ بنگالي، اردو ۽ هنديءَ ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي.

سنڌ ۾ ٻيو ڇاپو جلد مارڪيٽ ۾ اچڻ وارو

عظمت ادبي اڪيڊمي حيدرآباد